# سانسڪرتڪ سفير

رام پنجواڻيءَ سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ڏاڍي جهوني آهي. هوُ جئہ هند ڪاليج، ممبئيءَ ۾ ان جي اسٿاپنا واري وقت کان سنڌي پڙهائيندو هئو ۽ سماج ۾ پڻ پنهنجي راڳ ۽ فصيح زبانيءَ لاءِ مشهور هوندو هئو.

پاڻ رام جوهراڻيءَ هن جي ادب ۽ فن تي کوجنا ڪندي ڏاڍي محنت ڪئي آهي. هُن جي اِها هڪ خوبي آهي تہ جيڪو بہ ڪم هٿ ۾ کڻي تہ ان سان جنونيت واري حد تائين جنبي وڃي؛ پوءِ اهو ’دوردرشن‘ تان پرسارت ٿيندڙ ’سنڌي سرويچ‘ پروگرام هجي جنهن جا هيل تائين هڪ سوءُ کان بہ وڌيڪ ايپيسوڊ اچي چڪا آهن يا سندس انگريزي ڪتاب ’گلوبل سنڌيز‘ ۽ سنڌي ڪتاب ’سنڌي سرويچ‘ هجي؛ مان سمجهان ٿو تہ اِهي ٻيئي انگريزي ۽ سنڌي ڪتاب ڪهڙي بہ قسم جي مُلاقي يا انٽرويو وٺندڙ لاءِ پڻ مشعل راه آهن؛ جنهن مان خبر پوي ٿي تہ ڪيئن انٽرويو ڏيندڙ شخص جي روح ۾ جهاتي پائڻ سان گڏوگڏ ان جي ٻهوگُڻي شخصيت کي رڪارڊ ڪيو وڃي.

هيءُ ڪتاب ’رام پنجواڻي - اديب ۽ فنڪار‘ تمام شائقين ادب لاءِ رام پنجواڻيءَ جي شخصيت ۽ سندس قلمي ڪاوشن سان گڏ هن جي اسٽيج، سنگيت ۽ هندي توڙي سنڌي فلمن لاءِ ڪيل خدمات کي ڄاڻڻ جو بهترين واهڻ آهي. هن ڪتاب ۾ رام پنجواڻيءَ جي سموري شايع ٿيل ادب؛ ناول، ڪهاڻي، ناٽڪ، مضمون توڙي ترجما؛ هڪ هڪ ڪتاب کي ڪٿان ڪٿان هٿ ڪري کوجناتمڪ نموني اوڪ ڊوڪ جو انتهائي سنجيدگيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. جوهراڻيءَ تحقيق جي ميدان ۾ بلڪل غير جانبدارانہ نتيجا ڏيندي جتي رام پنجواڻيءَ جي مقناطيسي صلاحيتن جو بيان ڪيو آهي؛ تہ اتي ئي سندس قلم کان سرزد ٿيل ڪجهہ ادبي

اوڻاين کي پڻ علم جي روشنيءَ ۾ افشان ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو ته اِها ئي هن مقالي جي افاديت آهي ته مقاله نگار رام جوهراڻي صرف هڪ صادق شرڌالو بڻجي ويهي ساراه جا ڍڪ ڪونه پريا آهن؛ پر اصلاحي تنقيد جو مظاهرو ڪندي ان جو صحيح نعم البدل به ڏنو آهي؛ جنهن لاءِ پاڻ رام جوهراڻي بيحد بيحد داد جو مستحق آهي.

آءٌ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ کي پڻ داد ڏيڻ چاهيان ٿو؛ جنهن هندوستان جو پهريون سنڌي پروفيسر هوندي سنڌي ٻوليءَ جي تعليم جي ميدان ۾ بهترين خدمات انجام ڏيندي ان جي هر ممڪن اوسر لاءِ نيون راهون گهڙيون آهن. هُن هيل تائين ممبئي يونيورسٽيءَ اندر ڇهه ايم. فل. ۽ ڇهه ڊاڪٽوريٽ مقاله نگارن جي ڪامياب راهنمائي ڪئي آهي؛ جيڪو ڪم هتي هندوستان ۾ هيل تائين ڪير به ڪونه ڪري سگهيو آهي، جنهن لاءِ آءٌ کيس دل و جان سان مبارڪباد ٿو ڏيان! ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ جي ٻين خوبي آهي ڪنهن به سانسڪرتڪ پروگرام ۾ منچ تان مقناطيسي لفظن سان سنچالن ڪرڻ؛ انهن تمام خوبين لاءِ آءٌ کيس هڪ 'Genius' شخص ڪري سڏيندو آهيان.

مون کي اِهو لکندي خوشيءَ جو احساس ٿو ٿئي ته 'رام' جوهراڻيءَ تحقيق ڪندي 'رام' پنجواڻيءَ جي شخصيت کي حيات جاوداني ڏيڻ لاءِ هيءُ مقالو تحرير ڪيو ۽ ان جي همت افزائيءَ ۾ وري 'رام' جيٺملاڻي هينئر قلم پيو هلائي! بهرحال هيءُ ڪتاب رام پنجواڻيءَ کي تمام ادبي حلقي ۾ پڪ ئي پڪ صدين تائين حيات رکندو. آءٌ رام جوهراڻيءَ طرفان سنڌي ٻولي، ادب ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ چاه ۽ سندس ڪيل بي تحاشه خدمات جي اعتراف ۾ کيس 'سنڌي ٻوليءَ جو سانسڪرتڪ سفير' (Cultural Ambassador of Sindhi Lauguage) ڪري سڏيندو آهيان. شال هوُ مستقبل ۾ پڻ سنڌي ثقافت جي ڦهلاءَ سان گڏوگڏ سنڌي ٻولي ۽ علم ادب لاءِ پنهنجون خدمات انجام ڏيندو رهي!

نيو دهلي،
18 ڊسمبر 2014ع

**- رام جيٺملاڻي**
سابق وزير قانون
گورنمينٽ آف اِنڊيا

# مهاڳ

تحقيق، انساني علم ۾ اضافو آڻيندڙ هڪ عمل آهي؛ جنهن جي مدد سان ٻين هزارها ماڻهن جي تجربن ۽ ڪاميابين کان مستفيض ٿيندي ترقيءَ جون نيون منزلون ماڻي سگهجن ٿيون. محقق لاءِ اِهو بيحد ضروري آهي ته هن جي طرفان مقالي جي ترتيب واري مرحلي تي نه صرف بلڪل غير جانبدارانه عملن جي پيروي ڪئي وڃي؛ بلڪ هُن جا حاصل ڪيل نتيجا پڻ ڪهڙي به قسم جي شڪ شبهي ۽ غلط بياني توڙي مبالغه آرائيءَ کان عاري هئڻ سان گڏوگڏ هرممڪن حد تائين حقيقتن تي مبني هئڻ گهرجن. جيتوڻيڪ اهو به سچ آهي ته ڪهڙو به نئون اڀياس پنهنجي جاءِ تي مڪمل ۽ حرف آخر ڪونه هوندو آهي؛ پوءِ به هڪ محقق جو فرض آهي ته هن جي طرز تحرير مواد کي بنا ڪنهن ٽوڙڻ مروڙڻ جي ساڳئي ئي روپ ۾ قلمبند ڪندڙ هجي. دراصل مختلف ڪتابن جي اڀياس مان ان حقيقت جو پڻ انڪشاف ٿئي ٿو ته انهن ۾ ڪٿي نه ڪٿي موضوع، مواد ۽ مسئلن جو تضاد نظر اچي ٿو؛ پر اهو تضاد ئي تحقيق جا دروازا کولڻ جو واهڻ بڻجندي ايندڙ پيڙهين کي هڪ نئين روشني بخشي ٿو.

موجوده تحقيق 'رام پنجواڻي - اديب ۽ فنڪار' به ان ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي؛ جنهن ۾ مقاله نويس ڀاءُ رام جوهراڻيءَ تمام سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ رام پنجواڻيءَ جي پنجويه الڳ الڳ ڪتابن جو تحقيق ۽ تنقيد جي روشنيءَ هيٺ ورتل جائزو اهڙي ته دلچسپ پيرايه ۾ بيان ڪيل آهي؛ جو واسطيدار تحقيق جي روح کي به برقرار رکيو ويو آهي؛ ته محقق طرفان هڪ هڪ ڳالھ جو بيان پڻ اهڙي ته خبرداريءَ سان ڪيل آهي ته جيئن وابسته شخصيت

جي شان کي به ضرب نه پهچي ۽ سچ کان ڪناره ڪشي به نه ٿئي. هُن جو اڀياس ايڏو ته دقيق آهي؛ جو پهريون ئي دفعو اهو ٻڌايو ويو آهي ته ’مايا جو موه‘ ۽ ’ڏيئر نه ڇمن‘ هڪ ئي ناول جا ٻه مختلف ايڊيشن آهن؛ ساڳئي نموني ’تياڳ ۽ مڪتي‘ ۽ ’پرينءَ جي پچار‘ پڻ اشاعت مهل ٻيئي ڀيرا ٻه اَلڳ اَلڳ عنوانن سان ڇپايل آهن!

رام جوهراڻي جيئن ته جئه هند ڪاليج ۾ پڙهندي رام پنجواڻيءَ جي قربت ۽ صحبت کان فيضياب ٿيو؛ ته سڀاويڪ طور موجوده مقالي جي سوانح عمريءَ واري باب ۾ پڻ هن پنهنجا شخصي آزمودا به تحقيق جي مريادائن ۽ سيمائن جي گڏيل آميزش سان دلچسپ پيرايه ۾ بيان ڪيا آهن. هُن ناول نويسي، افسانه نگاري، ناٽڪ نگاري، مضمون نويسي ۽ ترجمه نگاريءَ جو فني بيان به ڪيو آهي ته اهڙي معيار ۽ فني ڪسوٽيءَ تي رام پنجواڻي صاحب جي ڏياڻين کان 1943ع کان وٺي 1987ع واري الوداعي سال تائين سندس تحرير ٿيل تمام تصنيفات جي پرک ڪندي شفي اصلاح پڻ ڪيئي آهي؛ جيڪا کهڙي به قسم جي تحقيقي مقالي لاءِ بيحد ضروري هوندي آهي. هتي اِهو به ٻڌايل آهي ته پنجواڻي صاحب جي تصنيف ٿيل ادب جي وڏي حصي ۾ شانتا ديوي، ڪيشو پرساد، ڪانتي لال، وسنت ديشمک ۽ نارائڻ شندي وغيره غير-سنڌي ڪردارن جي ڀرمار آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سندس طرز تحرير ۾ ’سوتنترتا‘، ’پرڏان‘، ’اِستري‘، ’پستڪاليه‘، ’شترو‘، ’پرشن‘، ’اُتر‘، ’ارت‘، ’ويست‘، ’من مانگيو‘ ۽ ’پرنتو‘ جهڙا ڏاريا ۽ دير هضم لفظ ملن ٿا؛ جيڪي سنڌي ادب جي ميدان ۾ ڪڏهن به قابل قبول ڪونه ٿي سگهندا.

پاڻ جوهراڻيءَ هڪ سٺا سان رام پنجواڻي صاحب جي تمام رچنائن جي پلاٽ، ٻولي، ڪردارنگاري، واقعه نگاري ۽ نقطِهِ عروج؛ هرهڪ ڳالهه جو بلڪل منطق واري بنياد تي بيان به ڪيو آهي ته موقع بموقع وابسته حوالا پڻ ڏيندو رهيو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته رام پنجواڻي صاحب جي فنڪارانه پهلوءَ کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ 1936ع واري دور ۾ ناهيل هندي فيچر فلم ’بيروزگار‘ ۾ سندس ولين جو رول نڀائڻ سان گڏوگڏ

1949ع ۾ پلي بيڪ سنگر طور هندي فلم ’ماں کا پيار‘ ۾ برصغير هند جي مشهور و معروف گلوڪاره شمشاد بيگم سان گڏ هڪ دوگانو ڳائڻ جو بيان پڻ ڪيل آهي؛ ته اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته 1951ع ۾ هندي فلم ’داماد‘ جي ٽائيٽل ۾ پلي بڪ سنگر هئڻ سان گڏوگڏ ميوزڪ جو ڪريڊٽ به رام پنجواڻيءَ کي ئي مليل آهي. ساڳئي ئي فلم ۾ رام پنجواڻي پاڻ به پهريون ڀيرو چير جامو پائي اسڪرين تي پڳوان دادا سان گڏ گيت ڳائيندي ڏيکاريو ويو آهي؛ ته هن جي طرفان سنڌي فلمن ’اباڻا‘، ’سنڌوءَ جي ڪناري‘، ’جهولي لال‘، ’لاڏلي‘ ۽ ’شل ڌيئر نه ڄمن‘ لاءِ 1955ع کان 1969ع دوران سنڌس فلمي سفر جو پڻ بهترين بيان ڏنل آهي.

رام جوهراڻيءَ هيءُ مقالو جيئن ته اسان جي سنڌي وياڳ جي پروفيسر (ڊاڪٽر) ٻلديو مٽلاڻيءَ جي راهنمائيءَ هيٺ قلمبند ڪيو آهي؛ ته سياويڪ طور ان جو هڪ مخصوص تحقيقي ۽ ٻوليائي انداز پڻ مقالي جي گهڙت ۽ پيشڪش تي ڇانيل نظر اچي ٿو. ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ لاءِ اهو ٻڌائڻ واجب ٿيندو ته ممبئي يونيورسٽيءَ اندر جتي اڳ وارن راهنمائن صرف ٻه ٻه ڊاڪٽوريٽ مس ڪديا؛ اُتي هن صاحب جي راهنمائيءَ هيٺ ياءُ رام جوهراڻي ڇهون ڪامياب پي ايڇ. ڊي. مقاله نگار آهي؛ جنهن لاءِ ياءُ رام جوهراڻيءَ سان گڏوگڏ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ جون تعليمي خدمات پڻ ساراه جون مستحق آهن.

بهرحال اسين سنڌي وياڳ، ممبئي يونيورسٽي طرفان ’رام پنجواڻي - اديب ۽ فنڪار‘ شايع ڪندي بيحد مسرت محسوس ڪري رهيا آهيون. مون کي قوي اميد آهي ته هيءُ ڪتاب تمام پاٺڪن جي علم ۾ اضافو آڻيندو!

- ڊاڪٽر منوهرلال ٻختراءِ مٽلاڻي
پروفيسر ۽ هيڊ
سنڌي وياڳ، يونيورسٽي آف ممبئي

ممبئي
22 ڊسمبر 2014ع

# ٻه لفظ

مون 1967ع  دوران جئه هند ڪاليج، ممبئيءَ ۾ XI Arts لاءِ داخلا ورتي؛ تڏهن اُتي دادا رام پنجواڻي سنڌي وشيه پڙهائيندو هئو. ڪاليج ۾ سنڌي سرڪل طرفان ڪڏهن ڪڏهن سنڌي ناٽڪ به اسٽيج ڪيا ويندا هئا. خوش قسمتيءَ سان پهرئين ئي سال هڪ سنڌي ايڪانڪيءَ لاءِ مونکي به هڪ ڪردار ادا ڪرڻ جي آڇ ٿي. ائين مونکي پنجواڻي صاحب جي قربت ۽ صحبت نصيب ٿي.

انهن ڏينهن ۾ رام پنجواڻي صاحب جو سنڌي سماج ۾ انتهائي عزت وارو مقام هوندو هئو؛ جو هوُ هڪ ئي وقت بهترين مقرر به هئو، ڳايڪ به هئو ته چير جامو پائي اسٽيج تي جهومندي جهومندي تمام حاضرين مٿان جڻ حاوي پڻ ٿي ويندو هئو. مالڪ طرفان رام پنجواڻيءَ کي هڪ اهڙي مخصوص صلاحيت مليل هئي؛ جو ڪنهن به محفل ۾ شريڪ ٿئي ته ان جو رنگ ئي دوبالا ٿيو پوي. هڪ ڀيري ڪنهن سنسٿا طرفان سنمکانندا هال ۾ ’سنڌ جي اپسرا‘ اتسو آيوجت ڪيو ويو؛ جتي فلم هيروئن ساڌنا کي ’سنڌ جي اپسرا‘ جو تاج پهرايو ويو؛ جڏهن ته ساڌنا کان پوءِ ٻيون نمبر پونم چنديراماڻي کي ڏنو ويو هئو؛ جيڪا انهن ڏينهن ۾ ئي ’مِس انڊيا‘ جو خطاب حاصل ڪري چڪي هئي ۽ کيس ’آدمي اور انسان‘ فلم لاءِ پڻ ڪم ڪرڻ جي آڇ ٿي  هئي. ان اُتسو ۾ ديوآنند کي مکيه مهمان ڪري گهرايو ويو هئو.

آءٌ ڪجهه سال پوءِ جڏهن بزنس جي ميدان ۾ آيس، تڏهن به سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي ثقافت کي فروغ ڏيڻ لاءِ هر ممڪن سهيوگ ڏيندو رهندو هوس. انهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيري رميش چاچاڻيءَ معرفت پنجواڻي صاحب سان ڳڏجڻ ٿيو؛ تڏهن دادا منهنجي پٺي ٿپريندي ۽ آسيس

ڪندي جاچاڻي صاحب ڪي چيو تہ، ”جوهراڻيءَ ۾ نوجوانن جو رت گردش ڪري رهيو آهي! هن پاڻ کي سنڌي سماج سان واڳي رکيو آهي. مونکي پوري اُميد آهي تہ هيءُ هڪ ڏينهن سنڌي سماج لاءِ وڏو يوگدان ڏيندو!“

اِهو بہ حسين اِتفاق آهي، تہ اَسيءَ واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي، جئہ هند ڪاليج ۾ رهندي سنڌي سرڪل طرفان هر سال ’انٽر - ڪاليجئيٽ سنڌي ڊراما ڪامپٽيشن‘ منعقد ڪندو رهندو هئو؛ تڏهن کان آءٌ مٽلاڻي صاحب جي پڻ ويجهو رهيس ۽ اهو سندس صحبت جو ئي نتيجو آهي، جو مون ڪيترائي سال تعليم کان پري رهندي بہ نہ صرف سنڌيءَ ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي؛ پر ڪانئس اتساه جو فيض پائيندي آءٌ سنڌيءَ ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ لاءِ پڻ آماده ٿيس.

مون پنهنجي نيڪ نيتيءَ سان ڪٿان ڪٿان ڪک پن ميڙيندي رام پنجواڻي صاحب جي شخصيت، سماج شيوا توڙي سندس ڪلاتمڪ خدمات کي هڪ آکيري جي روپ ۾ نشو نما ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؛ جيئن دادا رام پنجواڻيءَ کي صحيح روپ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ادبي توڙي ثقافتي ميدان ۾ جاءِ ڏني وڃي. جيتوڻيڪ اِهو بہ سچ پنهنجي جاءِ تي برقرار رهندو تہ مون اُهو سڀ ڪجهہ صرف صدق وچان نہ؛ پر باقائده تحقيق جي اصولن جي پيروي ڪندي انتهائي غير جانبدارانہ قلم هلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؛ جيڪو ڏانءُ وري مونکي ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻيءَ مان مليو. هوُ پاڻ پنجواڻي صاحب جو شاگرد هوندي بہ ڪڏهن بہ صرف انڌ شرڌا وچان نہ؛ پر هميشه ادبي ۽ تحقيقي معيار کي فوقيت پئي ڏيندو رهيو آهي!

آءٌ پنهنجي راهنما، ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻيءَ جو بيحد ممنون آهيان؛ جنهن کان نہ صرف آفيس جي ٽائيم تي پر کهڙي بہ گهڙيءَ ڪانئس واجبي صلاحون وٺندو رهيس؛ جنهن بنا هوند هيءَ تحقيق پنهنجي تڪميل کي ڪونہ پهچي سگهي ها!

**-رام جوهراڻي**

ممبئي
22 ڊسمبر 2014ع